

## صفدر سرڪي جي ضمانت منظور، فيصلو ڏيندڙ جج هٽايو ويو، قوم پرست اڳواڻ آزاد نه ٿيو

مليرِ/ڪراچي(رپورٽ: حمزو پنهور+بي بي سي نيوز) جسقم جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر صفدر سرڪي کي حب جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو. عدالت ۾ ڊاڪٽر صفدر سرڪي جي وڪيلن ۽ ڊسٽرڪٽ اٽارني جا دليل ٻڌڻ کانپوءِ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج نظير لانگها ڊاڪٽر صفدر سرڪي جي پنهي ڪيسن ۾ هڪ هڪ لک روپين جي ضمانت منظور ڪندي ڪيس آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو. پر ڊاڪٽر صفدر سرڪي جي وڪيل جو چوڻ آهي ته اسان کي هاڻ ٻڌايو پيو وڃي ته ڊسٽرڪٽ سيشن جج تبديل ٿي ويو آهي، هاڻي ڊاڪٽر صفدر کي آزاد نه ٿو ڪري سگهجي. عبداللطيف ميمڻ چيو ته

صفدر سرڪي 13 نومبر تي ڪورٽ ۾ گم ٿيل ماڻهن جي اپيلن جي ٻڌڻي موقعي تي ڊاڪٽر صفدر سرڪي جو بہ بيان رڪارڊ ڪرائيندا سين.ڊاڪٽر صفدر سرڪي جي عدالت ۾ پيشي جي موقعي تي وڪيل عبداللطيف ميمڻ، سهيل ميمڻ، محمد خان شيخ، محمد سليم، جسقم جو چيئرمين بشير خان قريشي، نوردين جمالي، نعيم مينڌرو، عبدالستار ڪلوڙ ۽ جسقم جا سوين ڪارڪن موجود هئا. ياد رهي تہ جسقم جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر صفدر سرڪي کي 24 فيبروري 2006 تي گلستان جوهر مان سندس گهران ڏينهن ڏٺي جو لياري ٽاسڪ فورس جي سربراهہ چوڌري اسلم گرفتار ڪري ڪٽي ويو هو. جنهن ڪانپوءِ ڊاڪٽر صفدر سرڪي 20 مهينن تائين مسلسل غائب هو ۽ گمشدگي دوران هو مليرڪينٽ، پنڊي ۽ لاهور جي ٽارچر سيلن ۾ رياستي عتاب هيٺ رهيو. بعد ۾ انساني حقن جي تنظيم ۽ ڊاڪٽر صفدر جي پيڻ پاران سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪرڻ ڪانپوءِ سپريم ڪورٽ جي دٻاءُ بعد 28 رمضان 11 آڪٽوبر تي حب جي علائقي ساڪران روڊ تان گرفتاري ظاهر ڪري هٿيار رکڻ جي الزام ۾ مٿس بہ ڪيس داخل ڪيا ويا ۽ ڪالهہ انهن ڪيسن جي ٻڌڻي دوران عدالت داخل ڪيل ٻنهي ڪيسن ۾ هڪ هڪ لک روپين جي ضمانت منظور ڪندي ڪيس آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

## امريڪي قونصل جنرل جي ڊاڪٽر صفدر سرڪي سان ملاقات

ملير: امريڪي قونصل جنرل مس ڪي اينسپي جسقم جي باندي اڳواڻ ڊاڪٽر صفدر سرڪي سان حب ڪورٽ ۾ پيشي جي موقعي تي لاڪپ ۾ ملاقات ڪئي. 30 منٽن جي ملاقات دوران امريڪي قونصلٽ ڊاڪٽر سرڪي ڪان صحت بابت پڇا ڪئي ۽ ڪاٿنس اهو معلوم ڪيو تہ سندس علاج ڪرايو ويجي تو ۽ ملاقات ڪليل آهي يا نہ؟ جيل ۾ ڪاڏو ڪيئن تو ملي ۽ ڪيس هن وقت ڪهڙي تڪليف آهي؟

جيل انتظاميہ جو ساڳس رويو ڪيئن آهي؟ جسقم جي باندي اڳواڻ ڊاڪٽر صفدر سرڪي ڪيس ٻڌايو تہ سندس صحت خراب آهي، علاج نٿو ڪرايو وڃي، ملاقات بند آهي ۽ جيل اندر ڪيس 37 قيدين سان گڏ تنگ کولي ۾ رکيو ويو آهي. ڊاڪٽر صفدر سرڪي امريڪي قونصلٽ جا ملاقات ڪندي مسئلا معلوم ڪرڻ تي سندس ٿورا مڃيا. ملاقات دوران قونصلٽ نوٽيس وٺندي ۽ ڳالهيون لکندي رهي. انهي موقعي تي امريڪي قونصلٽ جنرل مس ڪي اينسپي ڊاڪٽر صفدر سرڪي جي وڪيلن عبداللطيف ميمڻ، سهيل ميمڻ، محمد خان شيخ ۽ محمد سليم سان ملاقات ڪئي، ملاقات دوران وڪيلن سان ڳالهائيندي قونصل جنرل چيو تہ ڊاڪٽر صفدر واري مسئلي تي هن جي نظر آهي. هن چيو تہ سپريم ڪورٽ ۾ هلندڙ ڪيس جي سلسلي ۾ هوءَ وڪيلن سان رابطي ۾ رهندي.

## عدالتي حڪم باوجود صفدر کي آزاد نہ ڪرڻ انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي: ورلڊ سنڌي ڪانگريس

لنڊن(پ ر) لنڊن ۾ ”سنڌ ڪيس ۽ بين الاقوامي برادرين جون پاڪستان ڏانهن پاليسيون“ جي عنوان هيٺ ڪانفرنس جون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن. ورلڊ سنڌي ڪانگريس جي چيئرمين ڊاڪٽر حليم پٽي، سيڪريٽري جنرل لکومل لوهاڻو، ستار زنگيجو، ڊاڪٽر هدايت پٽو، ڊاڪٽر صغير اي پٽو، علي ميمڻ، روبينا شيخ ۽ ٻين پاران ڊاڪٽر صفدر سرڪي جي حب ڪورٽ مان ضمانت منظور ٿيڻ باوجود ڳجهن ادارن پاران ڪيس آزاد نہ ڪرڻ سياسي، بنيادي ۽ انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي. ورلڊ سنڌي ڪانگريس پنهنجي اڳوڻي چيئرمين ۽ جسقم جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر صفدر سرڪي کي آزاد نہ ڪرڻ واري عمل کي دنيا جي بين القوامي عدالتن ۾ چئلينج ڪندي ڊاڪٽر صفدر جي آمريڪي شهريت هجڻ ڪري ان سلسلي ۾ آمريڪي وڪيلن سان پڻ ڳالهايو. صفدر سرڪي جي سپريم ڪورٽ ۾ وڪيل

عبداللطيف ميمڻ جي صلاح ڪانپوءِ صفدر سرڪي لاءِ آمريڪي وڪيلن سان پڻ ڳالهايو ويندو ته جيئن آمريڪي وڪيل صفدر جي ٻٽي شهريت هجڻ ڪري ڪيس ڪي آمريڪي عدالت ۾ پڻ چئلينج ڪن.

## صفدر سرڪي کي آزاد نه ڪرڻ خلاف جسقم طرفان سومر تي سڄي سنڌ ۾ ڦيٿاروڪ هڙتال جو اعلان

ملير: ڊاڪٽر صفدر سرڪي کي آزاد نه ڪرڻ خلاف جسقم آرگنائيزنگ ڪميٽي پاران سياڻي ڪان سڄي سنڌ ۾ مظاهرن، بک هڙتالن ۽ ڌرڻا هڻڻ جو اعلان. جسقم جي مرڪزي اڳواڻ سرائي قربان کهاوڙ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو. هن چيو ته ضمانت هوندي ڪيس آزاد نه ڪرڻ اها انساني حقن جي کليل ڀڃڪڙي آهي. سنڌ جا گم ڪيل سمورا قومي ڪارڪن سنڌ ڌرتي جا عاشق آهن. ڊاڪٽر صفدر سرڪي کي آزاد نه ڪرڻ تي سنڌ جا ماڻهو خاموش تي نه ويهندا. ڊاڪٽر صفدر سرڪي سنڌ ڌرتي جو عاشق آهي. ايجنسيون ڊاڪٽر صفدر سرڪي کي جاني نقصان پهچائڻ چاهين ٿيون. جسقم اڳواڻ اعلان ڪندي چيو ته 4 نومبر تي سنڌ ۾ احتجاجي ڏينهن ملهايو ويندو، جنهن ۾ بک هڙتالون مظاهرا ۽ ڌرڻا هنيا ويندا. هن چيو ته جسقم آرگنائيزنگ ڪميٽي اهم اجلاس گهرايو آهي، جنهن ۾ وڌيڪ لاحہ عمل جوڙي جدوجهد کي تيز ڪيو ويندو.

وڌيڪ اهم خبرون

تفصيل